Journal for Social Science Archives

**Online ISSN:** 3006-3310
**Print ISSN:** 3006-3302
Volume 3, Number 2, 2025, Pages 186 – 192
**Journal Home Page**
[https://jssarchives.com/index.php/Journal/about](https://jssarchives.com/index.php/Journal/about)





سنڌي تنقيدي ادب ۾ رشيد ڀٽيءَ جي حيثيت

# The Status of Rasheed Bhatti in Sindhi Critical Literature


**Dr. Abdul Latif**[1]

[1]*Assistant professor of Sindhi, Govt. Islamia Arts and Commerce College and Postgraduate Studies Centre Sukkur Sindh Pakistan, Email:* ansariabdullateef@gmail.com



**ARTICLE INFO**

***Article History:***

| | | |
|---|---|---|
| *Received:* | *February* | *13, 2025* |
| *Revised:* | *March* | *22, 2025* |
| *Accepted:* | *April* | *06, 2025* |
| *Available Online:* | *April* | *19, 2025* |

***Keywords:***

*Sindhi Critical Literature, Rasheed Bhatti*



***Corresponding Author:***
*Dr. Abdul Latif*
***Email:***
*ansariabdullateef@gmail.com*


OPEN ACCESS


## ABSTRACT

*This paper explains the concept, significance, and evolution of literary criticism in Sindhi literature, with particular focus on progressive criticism and the critical contributions of Rasheed Bhatti. The fundamental aim of criticism is to evaluate the strengths and weaknesses of literary works with objectivity and fairness, thereby determining their true value and status. According to various scholars, criticism is not merely fault-finding; rather, it is a comprehensive analysis of both the artistic and intellectual aspects of literature, playing a vital role in its improvement. The paper highlights that criticism is essential for the development of human consciousness, as it makes a creator aware of both the merits and shortcomings of their work. In the modern era, the scope of criticism has expanded to include social, intellectual, and ideological dimensions, where literature is closely linked with life and society. Under the influence of the progressive movement, Sindhi literary criticism adopted new directions, transforming literature into a means of social change. Rasheed Bhatti is presented as an important progressive critic whose work primarily revolves around society and life. Through his unique style—especially his use of humour and satire—he effectively criticized social evils, regressive ideas, and literary weaknesses. His criticism avoids personality worship, emphasizes intellectual aspects, and promotes social awareness. He views literature through the principle of "literature for life" and stresses evaluating literary works in relation to social realities. According to the paper, Bhatti's critical style is distinctive and impactful, as he conveys deep ideas through wit and humour, leaving a lasting impression on the reader or listener. He also critiqued weaknesses in literature, society, language, and publishing institutions, and offered practical suggestions for literary reform. In conclusion, the paper asserts that criticism is itself a creative process that evolves alongside literature. Rasheed Bhatti's criticism stands as a significant milestone in Sindhi literature, contributing not only to the redefinition of literary values but also to the development of social awareness and intellectual consciousness.*

## Introduction

خلاصو:

هي مقالو ادبي تنقيد جي مفهوم، اهميت ۽ سنڌي ادب ۾ ان جي ارتقا کي واضح ڪري ٿو، خاص طور تي ترقي پسند تنقيد ۽ رشيد ڀٽيءَ جي تنقيدي ڪردار تي روشني وجهي ٿو. تنقيد جو بنيادي مقصد ادب جي فن پارن ۾ موجود خوبين ۽ خامين کي بي لاڳاپي ۽ انصاف سان پرکڻ آهي، جنهن ذريعي تخليق جي اصل قدر ۽ حيثيت جو تعين ٿئي ٿو. مختلف عالمن جي نظرين موجب تنقيد رڳو عيب ڪڍڻ نه، پر فن ۽ فڪر جي جامع جائزي جو عمل آهي، جيڪو ادب کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

مقالو ٻڌائي ٿو ته انساني شعور جي ترقي لاءِ تنقيد ضروري آهي، ڇو ته اها تخليقڪار کي پنهنجي ڪم جي اوڻاين ۽ خوبين کان آگاهه ڪري ٿي. خاص طور تي جديد دور ۾ تنقيد جو دائرو وڌي سماجي، فڪري ۽ نظرياتي لاڙن تائين پهچي ويو آهي، جتي ادب کي زندگيءَ ۽ سماج سان ڳنڍي ڏٺو وڃي ٿو. سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ تنقيد کي نئين رخ مليو، جنهن ادب کي سماجي تبديليءَ جو ذريعو بڻايو.

رشيد ڀٽيءَ کي هڪ اهم ترقي پسند نقاد طور پيش ڪيو ويو آهي، جنهن جي تنقيد جو بنيادي مرڪز سماج ۽ زندگي آهي. هن پنهنجي منفرد انداز، خاص طور تي مزاح ۽ طنز وسيلي، سماج جي غلط روايتن، رجعت پسند خيالن ۽ ادبي ڪمزورين تي اثرائتي تنقيد ڪئي. سندس تنقيد ۾ شخصيت پرستيءَ کان پاسو، فڪري پهلوئن تي زور ۽ سماجي شعور جي بيداري نمايان آهي. هو ادب کي "ادب براءِ زندگي" جي اصول تحت ڏسي ٿو ۽ تخليق کي سماجي حالتن سان ڳنڍي پرکڻ تي زور ڏئي ٿو.

مقالي موجب رشيد ڀٽيءَ جو تنقيدي اسلوب نرالو ۽ اثرائتو آهي، جنهن ۾ کل ڀوڳ ذريعي گهري ڳالهه چئي وڃي ٿي، جيڪا پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي ذهن تي گهرو اثر ڇڏي ٿي. هن ادب، سماج، ٻولي ۽ اشاعتي ادارن جي ڪمزورين تي پڻ تنقيد ڪئي ۽ ادبي سڌاري لاءِ عملي تجويزون پيش ڪيون.

آخر ۾ اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته تنقيد هڪ تخليقي عمل پڻ آهي، جيڪو ادب سان گڏوگڏ ترقي ڪري ٿو. رشيد ڀٽيءَ جي تنقيد سنڌي ادب ۾ هڪ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي، جنهن نه رڳو ادبي قدرن کي نئون رخ ڏنو، پر سماجي شعور ۽ فڪري سجاڳيءَ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو.

تنقيد عربي زبان جي لفظ "نقد" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنى آهي روڪ يا روڪڙ. تنقيد جي معنى ۽ مفهوم ٿيندو "کري ۽ کوٽي کي پرکڻ". اصطلاحن تنقيد جو مطلب آهي، ڪنهن اديب يا شاعر جي فن پاري جي خوبصورتي ۽ خامي جي نشاندهي ڪرڻ. ان فن پاري جو اصل مقام متعين ڪرڻ. شاعر يا اديب جي خوبين ۽ خامين جي نشاندهي ڪرڻ جو مقصد صرف ۽ صرف سندس موضوع، فن ۽ فڪر جي لحاظ کان ڪيل ڪوشش جو جائزو وٺڻ. اهو ثابت ڪرڻ ته شاعر يا اديب پنهنجي ڪيل ڪوشش ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب ويو آهي ۽ سندس فن پاري جي قدر و قيمت ڇا آهي.

اصل ۾ تنقيد اهو فن آهي، جنهن ۾ ڪنهن فنڪار جي تخليق ڪيل فن پاري تي مروج اصول تحت انصاف سان، بغير ڪنهن ذاتي رنجش جي ڪا راءِ قائم ڪرڻ.

آڪسفورڊ ايڊوانس لرنر ڊڪشنري تنقيد جي وصف هن ريت ڏني آهي ته:

"The act of expressing disapproval of sb/Sth and opinions about their faults or bad qualities; a statement showing disapproval: The plan has attracted criticism from consumer groups: The work of activity of making fair, careful Judgements about good and bad qualities of Sb/Sth, especially books, music etc.  is called criticism." **(Oxford: 8th Edition, 362)**

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ادبي تنقيد جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته :

"تحقيق روايتن جي ڇنڊ ڇاڻ جو نالو آهي، ۽ تنقيد ادبي تخليق جي فني ۽ فڪري جانچ پڙتال کي چيو ويندو آهي." **(ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر: 1992، 127)**

ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:

"روايتي طرح سان تنقيد جي لفظي معنى ۽ مفهوم ۾ مونجهارو آهي. لفظ تنقيد جي لفظي معنى آهي، "Evaluate" "مُلهه ڪٿڻ"، "پرکڻ"، چڱي ۽ بري يا کوٽي جو فرق معلوم ڪرڻ، ڪنهن به شيءِ جي خوبين ۽ خامين جو صحيح اندازو ڪري، ان تي پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ، انگريزي لفظ (اصل يوناني) Criticism جي لغوي معنى آهي، فيصلو، عدل يا انصاف يا

Judge ڪرڻ. پر عام زبان ۾ تنقيد Criticism وغيره جو مطلب نڪته چيني ڪرڻ، عيب ڪيڻ سمجهيو ويندو آهي، جيڪا ڳالهه فن ۽ ادب جي تنقيد لاءِ مناسب ڪانهي، ادبي تنقيد ذريعي ادبي فن پاري جي خامين سان گڏ خوبيون پڻ بيان ڪيون ويندیون آهن ته جيئن خاميون دور ڪرڻ سان گڏوگڏ خوبين جو سلسلو پڻ قائم رهي.“ **(ميمڻ فهميده حسين ڊاڪٽر: 1997، 22 ۽ 23)**

انساني شعور ۾ اها ڳالهه هينئر ويهجي وئي آهي ته ڪنهن به عمل کي بهتر کان بهتر بنائڻ لاءِ تنقيد جو هجڻ لازمي آهي. فطري ڳالهه آهي ته انسان پنهنجي تخليق جي اوڻائين کان ڪنهن حد تائين غير واقف هوندو آهي، جيسين ڪو ٻيو انسان کيس ان جي خوبين سان گڏوگڏ ان جي خامين کان به کيس آگاهه نه ڪري. خاص ڪري ادب و شعر لاءِ تنقيد جو هجڻ انتهائي لازمي آهي. تنقيد ئي اهو واحد ذريعو آهي، جنهن جي مدد سان اديب جي فن ۽ فڪر جي خوبين ۽ خامين کي اجاگر ڪري سگهجي ٿو. نئين ۽ جديد تنقيد ۾ ته ڪنهن به فن پاري جي خوبين خامين سان گڏوگڏ اديب جي فڪري رجحانن ۽ لاڙن جو به جائزو ورتو ٿو وڃي. ان ڳالهه جو به جائزو ورتو ٿو وڃي ته اديب جو پيش ڪيل فن پارو ۽ ان جو رجحان قوم ۽ سماج لاءِ ڪيترو فائديمند يا هاڃيڪار آهي. تنقيد سماج مان هاڃيڪار لاڙن کي ختم ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪري ٿي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته تنقيد هينئر هڪ اصطلاح نه بلڪ هڪ ڀرپور ادبي صنف جو نالو ٿي وئي آهي.

سنڌي اديبن ۾ جڏهن حقيقت نگاريءَ جو شعور انتها تي پهتو، تڏهن انهن ۾ حقيقت نگاريءَ سان لاڳاپيل هڪ ٻي تحريڪ ”ترقي پسند تحريڪ“ جو رجحان پيدا ٿيو. جنهن جا خاص مقصد اهي هئا، ته صحتمند ۽ نئون نڪور ادب تخليق ڪرڻ، مختلف بيروني ۽ مقامي ٻولين جي ادب کي ترجمو ڪرڻ، صحتمند سماج جو قيام ۽ سماج کي ترقي ڏيارڻ، خيال جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ، ادب ۾ جديد ۽ ترقي پسند لاڙا ۽ رجحان پيدا ڪرڻ وغيره. اڳتي هلي مختلف ترقي پسند اديبن ”انجمن ترقي پسند مصنفين“ (1936ع) ٺاهي، جنهن کان پوءِ سنڌي اديبن ”سنڌي ادبي سرڪل“ (1945ع) نالي جماعت قائم ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ ترقي پسند تحريڪ هيٺ ”سنڌي ادبي سنگت“ وجود ۾ آئي.

انهن تحريڪن ۽ جماعتن وسيلي سنڌي ادب ۾ ادب تخليق ڪرڻ جا نوان رجحان ۽ لاڙا پيدا ٿيا. ساڻ ساڻ ادب لاءِ تنقيد جا به جديد ۽ نوان لاڙا پيدا ٿيا. جن جو خاص مقصد سماج ۾ شعور جي ترقي هئي. جڏهن سنڌي ادب ۾ ترقي پسند لاڙن ۽ رجحانن شعوري ۽ نظرياتي طور پنهنجا پير پختا ڪيا، تڏهن ادب ۾ سماجي تنقيد به پير پاتو. ترقي پسند شعور رکندڙن جي نظر ۾ اها ادبي تنقيد دراصل زندگيءَ جي تنقيد هئي. ڇاڪاڻ ته هنن ادب کي زندگيءَ سان سلهاڙيل ٿي سمجهيو. اهڙي سماجي تنقيد جو صرف ۽ صرف هڪ اصول هيو ”زندگي“. اهڙي قسم جي تنقيد اشتراڪي نموني جي هئي. سنڌي ادب ۾ اهڙي قسم جي تنقيد جا تمام گهڻا مخالف پيدا ٿيا، جن جي نظر ۾ ادب توڙي تنقيد ۾ مذهبي لاڙن ۽ قدرن کي فوقيت حاصل هئي. اهڙن مُدي خارج خيالن کي منهن ڏيڻ لاءِ ترقي پسند اديب ميدان ۾ آيا. جديد ۽ سائنسي بنيادن تي فنپارن جو سماج ۽ زندگيءَ سان وابستگيءَ جو جائزو ورتو ويو. مخالف ڌر جي ايوانن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. رشيد ڀٽي اهڙن ترقي پسند سوچ رکندڙ اديبن ۾ هڪ هيو. جنهن نهايت زبردست قلمي قوت سان مُدي خارج خيالن جي پاڙ پٽڻ شروع ڪري ڏني.

ادبي تنقيد ۽ رشيد ڀٽي:

مشاهدي جو وسيع هجڻ ادب جي طاقتور هئڻ جي نشاني آهي، اهڙيءَ ريت ز بردست ۽ صحتمند تنقيدي عمل وري صحتمند ادب لاءِ انتهائي ضروري آهي. تنقيد ئي اهو ذريعو آهي، جنهن وسيلي ادب جي تشريح، قدر و قيمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ادب تي صحيح نموني غور و فڪر ڪرڻ، ان ۾ اصلاح پيدا ڪرڻ جو ذريعو تنقيد آهي. زندگيءَ جي هر فن جي هر صورت جي ترقي ءَ جو دارومدار ڀرپور ۽ صحتمند تنقيد تي ئي آهي. اهو تنقيدي عمل ئي آهي جنهن وسيلي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌي سگهجي ٿو. زندگي گذارڻ لاءِ بهترين راهه جي چونڊ ڪري سگهجي ٿي.

هڪ تخليقڪار ۽ تنقيدنگار جي فن ۾ ٿورو ئي فرق هوندو آهي. ڪٿي ڪٿي ته تخليقي فن کان تنقيدي فن اڳتي نڪري ويندو آهي. يعني جڏهن نقاد ڪنهن به تخليقڪار جي ادبي فن پاري تي پنهنجي ڀرپور راءِ زني ڪندو آهي ته نقاد جي اها راءِ تخليقڪار جي فن پاري تي زبردست اثر انداز ٿيندي آهي.

ادب انساني سماج جي تخليقي قوتن جي اظهار جو نالو آهي. ادب جي پيدا ٿيڻ وارو زمانو ۽ ماحول، ان ۾ پيش ايندڙ واقعا ۽ حادثا مٿس اثر انداز ٿيندا آهن ۽ جنهن سبب ذهن هڪ خاص رخ ۽ مخصوص سانچي ۾ تبديل ٿيڻ لڳندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر ماڳ مڪان ۽ زمان جو ادب پنهنجي سماجي سياسي ۽ معروضي حالتن جي اثر هيٺ هوندو آهي. رشيد ڀٽيءَ جي هر اصلوڪي تخليق يا تنقيدي تخليق ۾ اهڙن سماجي، سياسي ۽ معاشي مسئلن جي اپٽار رهي آهي جيڪي سنڌس دؤر ۾ موجود هئا.

رشيد ڀٽيءَ جي تنقيد اشتهاري نه آهي، هن جي طريقهء ڪار ۾ ڪنهن به قسم جي پروپگنڊا نه آهي، ماسواءِ زندگيءَ جي بنيادي اصولن جي، جن کي هو ادب جو بنيادي حصو سمجهي ٿو.

رشيد ڀٽيءَ جي تنقيد هرون پرون جي ساراه وغيره کان پاڪ آهي، هو فنڪاري يا تخليق کي جيئن ڏسي ٿو، محسوس ڪري ٿو، تيئن بيان ڪري ٿو. رشيد ڀٽي ادب جي فني پهلوئن تي خاص ڌيان ڏيڻ بجاءِ ان جي فڪري پهلوئن تي خاص ڌيان ڏئي ٿو. فڪري حوالي سان به هو سماجڪ رويي جو قائل آهي. ڪٿي ڪٿي جمالياتي اظهار به ڪري ٿو.

رشيد ڀٽي ڪنهن به تخليق جي ادبي اهميت ۾ مان مرتبو وضح ڪرڻ کان انتهائي احتياط کان ڪم وٺي ٿو. هو تخليق جي فڪري پهلوئن (خاص ڪري سماجڪ) تي بحث ڪري موضوعاتي خوبين ۽ خامين تي نظر وجهي ٿو. رشيد ڀٽي تنقيد ۾ شخصيت پرستيءَ جي بدعت جو قائل نه آهي، ڪيس جيڪا شيءِ جيئن لڳي ٿي، تيئن بيان ڪري ٿو. هو هڪ ترقي پسند نقاد آهي، جنهن سبب مذمومي تنقيد جو هرگز قائل نه آهي. ذاتي حوالي سان نقصان رسائيندڙ رجعت پسند اديبن تي به ذاتي بجاءِ ادبي حوالي سان تنقيد ٿو ڪري. سندس رويو تخليقي خوبين ۽ خامين بيان ڪرڻ ۾ محتاط آهي. هو ڪٿي ڪٿي سرڪاري وڪيل وانگر تخليق جي مختلف پهلوئن تي جرح ٿو ڪري، ته ڪٿي ڪٿي بچاءَ واري وڪيل وانگر اهڙين شين جو جواز پڻ پيش ٿو ڪري. هو پنهنجي تنقيد وسيلي عوام ۾ شعور ۽ جاڳرتا پيدا ڪري ٿو. ڪين مسئلن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جو شعور ڏئي ٿو. هو اهڙو سماجي ۽ ادبي ماحول پيدا ڪرڻ چاهي ٿو، جنهن ۾ انسان پنهنجي سماجي قوتن کي استعمال ۾ آهي هرقسم جي طبقاتي نظام کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي. رشيد ڀٽي پنهنجي هر تخليق يا تنقيد ۾ ترقي پسند شعور جو اظهار ٿو ڪري، هو سمجهائڻ گهري ٿو ته هي معاشرو دراصل تخليق يا تخليقڪار لاءِ نه بلڪ تخليق ۽ تخليقڪار هن معاشري لاءِ آهن. هو صحتمند تنقيد وسيلي سماجي ۽ ادبي ماحول کي تبديل ڪرڻ جو خواهان آهي.

رشيد ڀٽي اهڙن تخليقڪار نقادن مان هڪ آهي، جنهن جي تنقيد جو رنگ تمام گهڻو نرالو ۽ عجيب هوندو آهي. هو ڪل ڀوڳ ۾ اهڙا جملا چئي ويهندو آهي، جو جيڪڏهن سنجيده انداز ۾ چوي ته هوند ماڻهو سندس مخالف ٿي وڃن. رشيد ڀٽي پنهنجي مخصوص انداز سان کلائي، پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي آهستي آهستي غير محسوس طريقي سان ان راهه تائين وٺي ويندو آهي، جتي هو ڪيس پڄائڻ چاهي ٿو.

نجم عباسي لکي ٿو ته:

” کلائيندو ته مسخرو به آهي، چرچو مسخرو به ٻڌائيندو آهي، پر هو ڪا بيوقوفيءَ جي ڳالهه ڪري يا ڀاڻ کي بيوقوف ٻڌائي کلائيندو آهي. کلائيندڙ ساهتڪار جي چرچي ۾ چٽر هوندي آهي. ڏاهپ واري چٽر، تنقيد واري چٽر. مسخري جو چرچو مٿاڇرو هوندو آ هي ۽ ساهتڪاري جي چرچي ۾ اونهائي ٿيندي آهي.“**(عباسي نجم: (مهاڳ) 1985، 8)**

رشيد ڀٽيءَ جي چٽر ۽ تنقيد ۾ تمام گهٽي گهرائي آهي. هو کل ئي کل ۾ اهڙيون ڳالهيون به چئي وڃي ٿو، جن جو عام حالت ۾ چوڻ جو ڪو سوچي به نه ٿو سگهي.

مثلاً هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته :

”اعوذ باالله من الشيطان الرجيم، بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ. نحمده ونصلي على رسول الكريم اما بعد، سائين راشدي صاحب، مهمان خصوصي، مانواري ماهتاب محبوب، ناشر محترم تاج بلوچ صاحب، ۽ پيارا رفيقو ۽ همسفرو! السلام عليڪم! مان پنهنجي هن تقرير جي شروعات هن عبارت ۽ تمهيد سان ان ڪري ڪري رهيو آهيان، جو ان بعد مان ڪجهه ڳالهائيندس ان جي سچ يا ڪوڙ بابت هر الزام کان آجو هوندس، ۽ ٻيو ته جو ڪجهه چوندس ان ۾ اعتبار ڪرڻ، يا ان جي پابند هجڻ لاءِ ٻڌل نه رهندس.“ **(ڀٽي رشيد: 1985، 10)**

چرچي ۽ ڀوڳ وسيلي ڪيل تنقيد ۾ ماڻهو گهڻو ڪجهه چئي آڪي سگهي ٿو، جنهن تي عمومي طور ڪوئي احتجاج ڪونه ٿيندو آهي. جيئن ڪن صوفياء ڪرام پنهنجي شعر ۾ مختلف طريقن سان اهڙيون راز ۽ رمز جون ڳالهيون اشارن يا علامتن ۾ ڪيون آهن، جي اهي عام طريقي ۽ بنا علامت جي ڪرين ها ته سندن لاءِ قتل جي فتوى جاري ٿي وڃي ها.

نجم عباسي لکي ٿو ته :

”شعر ۾ گهڻو ڪجهه چئي سگهجي ٿو. ڪن صوفي شاعرن، لطيف سائين ۽ خاص ڪري سچل سائينءَ پنهنجن شعرن ۾ مذهبي ۽ آسماني هستين جي باري ۾ اهڙيون ڳالهيون چيون آهن، جي هو عام نثر ۾ چون ها ته هنن کي ڦاسيءَ تي ٽنگيو وڃي ها. وتايي فقير به سماج ۽ مذهبي هستين تي تنقيد جون اهڙيون ڳالهيون چيون، جو عام طريقي سان چوي ها ته هن کي قتل ڪرڻ جي فتوى ڏني وڃي ها، نثر جو وتايي فقير وارو طريقو آهي ”چرچو ۽ چٽر.“ **(عباسي نجم: (مهاڳ) 1985، 10)**

رشيد ڀٽي به اهڙو ئي وتايي فقير وارو طريقو اپنائي ٿو. ۽ مزاح جي ذريعي تنقيد جي تلوار ڦيرائي ٿو جو ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن کي ڳالهه جي ترشي ۽ ڪڙائي محسوس ئي ڪونه ٿو ٿئي. البته جنهن ڳالهه بابت تنقيد ذريعي سندن ڌيان ڇڪايو ٿو وڃي، سا بهترين انداز سان ذهن ۾ ويهي ٿي رهي. هو سماج ۾ موجود غيرسماجي ۽ غيرانساني روين تي علامتي انداز ۾ اثرائتي تنقيد ٿو ڪري. انفرادي يا اجتماعي طور تي حڪمت سان تنقيد ڪرڻ ئي فنڪارانا صلاحيت آهي.

نجم عباسي لکي ٿو ته :

”ڏاڍي کي سچ چوڻ يا ڏاڍي جي باري ۾ سچ چوڻ يا سماج جي رسمن ۽ ڪارگذارين تي تنقيد ڪرڻ يا ڪنهن ٽولي يا شخص تي تنقيد ڪرڻ جو اثرائتو طريقو آهي، ”چرچو ۽ چٿر“. ڳالهه ڪڙي به هجي ۽ واسطيدار کي مٺان مٺي محسوس ٿئي، ڪنڌ ڇڙهيل دوا جي گوريءَ وانگر.“ **(عباسي نجم: (مهاڳ) 1985، 10)**

رشيد ڀٽي تنقيد جي هلڪي ڦلڪي انداز سان سماج کي ادبي ماحول سان واقف ڪرائي ٿو. هو ڪڏهن تيز ترش ته ڪڏهن مزاح واري نموني سماج ۾ موجود مختلف روين تي تنقيد ڪري سماج کي هاڃيڪار لاڙن کان بچائي ٿو. رشيد ڀٽي عوام کي تنقيد جي ذريعي اها ڄاڻ ڏئي ٿو، جيڪا سماج جي زندگيءَ جو بنياد آهي. يعني برائيءَ ۽ چڱائيءَ جو فرق. ڪري ۽ کوٽي جي ساڃاهه، جنهن سان زندگيءَ جي مسئلن کي حل ڪرڻ سؤلو ٿيو پوي.

رشيد ڀٽيءَ وٽ تنقيد جو ڪارج سماجي آهي. هو ادب جو سنئون سڌو تعلق زندگيءَ سان سمجهي ٿو، تنهنڪري ئي ادبي تنقيد ذريعي سماج ۾ سماجي شعور آڻي ٿو. رشيد ڀٽي روايتي تنقيد کان ڪوهين ڏُور آهي. هن جي تنقيد جو هڪ اصول نه آهي. پر هو جتي ۽ جنهن جاءِ تي سمجهي ٿو ته غلط ٿي رهيو آهي، ان کي حالتن پٽاندڙ صحيح راهه تي آڻڻ لاءِ صحيح اپاءَ وٺي ٿو ۽ حالتن پٽاندڙ ئي اصول وضح ڪري ٿو. رشيد ڀٽي جديد تنقيد نگاريءَ تي ايمان رکي ٿو. هو انتهائي مهارت ۽ ڪاريگريءَ سان ادبي تنقيد ذريعي جديد سماج ۽ زندگيءَ بابت نظرين کي عوام تائين پهچائي ٿو. ان جا لاپائتا نتيجا، مشاهداتي انداز ۾ بيان ڪري ٿو.

رشيد ڀٽي ڪنهن به فن پاري ۾ بحيثيت نقاد جي خيال، فڪر، سماجي ڪارج ۽ زندگيءَ سان ادبي فنپاري جي وابستگيءَ جو عنصر ڳولي ٿو. هو هڪ ترقي پسند نقاد آهي، جنهن وٽ ادب جو نظريو ”ادب براءِ زندگي“ آهي. رشيد ڀٽي تخليقڪار جي فني گهرجن ۽ اسلوب، انداز بيان کي، صرف تخليقڪار جي فڪر کي پيش ڪرڻ جو ذريعو سمجهي ٿو. رشيد ڀٽيءَ جي خيال موجب فن هڪ شعوري عمل آهي، مختلف وقتن ۽ موقعن تي ٿيندڙ مشاهدا ۽ تجربا، انساني لاشعور ۾ ويهي ٿا رهن. انهن مان ڪو هڪ شعور رستي تخليق جو حصو بڻجيو پوي.

رشيد ڀٽيءَ وارو دؤر، سياسي حوالي سان ابتريءَ وارو دؤر هيو. پهريان ون يونٽ، وري ملڪ جو ورهاڱو جنهن کان پوءِ وري MRD. مطلب ته هر طرف سياسي انتشار هيو. سماج ۾ ڪٽر ۽ تند و ترش روين جي موجودگيءَ سبب، ترقي پسند تخليقي ماحول تي سخت عتاب هيو. اهڙي ماحول ۾ رشيد ڀٽيءَ سماج کي هاڃيڪار ۽ رجعت پسند لاڙن کان بچائڻ لاءِ هڪ ذميدار نقاد طور قلم کنيو ۽ سماج ۾ موجود اهڙن واهيات روايتن ۽ ادبي بدعتن جي پاڙ پٽڻ شروع ڪئي. جيڪي وڌي وڻ ٿي چُڪيون هيون.

رشيد ڀٽي افلاطوني طرز جي تنقيد جو قائل هيو، جنهن مطابق تخليق ۾ انساني فطرت هجي، ان جو عڪس هجي ۽ توازن، تناسب ۽ شگفتگي هجي. هو ادب ۽ تنقيد کي اديب جي شخصيت جو اظهار سمجهي ٿو، رشيد ڀٽيءَ جي لکڻين توڙي تقريرن ۾ سندس زندگيءَ جا ڀرپور ٺهڪ ان ڳالهه جو ثبوت آهن.

رشيد ڀٽي پنهنجي تنقيد وسيلي تخليق کي ان جي سماجي ماحول ۾ رکي سماج سان ان جو رشتو سمجهائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. سندس راءِ مطابق، جيڪو ادب سماجي حالتن کان متاثر ٿي نه ٿو لکيو وڃي، ان جي ڪابه اهميت ۽ حيثيت نه آهي.

رشيد ڀٽي تنقيدي عمل کي به تخليقي عمل ٿو سمجهي. جڏهن رشيد ڀٽيءَ جي ڪالمن ۽ افسانن جو گهرو مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته انهن تخليقن ۾ زبردست ادبي (سماجي پهلوءَ کان) تنقيد موجود آهي، جا ساڳئي وقت تخليق به آهي ته تنقيد به. تخليق ذريعي رشيد ڀٽيءَ معاشري ۾ موجود هر ان برائيءَ طرف نشاندهي ڪئي آهي، جيڪا ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان سماج لاءِ نقصانڪار رهي آهي. يعني چئي سگهجي ٿو ته تخليقي ۽ تنقيدي عمل هڪ ئي سڪي جا ٻه رخ آهن جيڪي هڪ ئي وقت وجود ۾ اچن ٿا.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو ته:

”تنقيد جي هڪ شڪل تخليق جي اندر لڪيل هوندي آهي ۽ گهڻو ڪري هر ادب جي شروعات سان ئي وجود ۾ ايندي آهي. تخليق هڪ فني شعور، روايت ۾ انفراديت، واقعي يا خيالي تجربن جي اظهار جي سليقي، اسلوب ۽ لفظن جي استعمال جو اثر پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۽ قوت ادراڪ سان ئي پيدا ٿيندي آهي. اهي سڀ ڳالهيون خاص قسم جي تنقيدي بصيرت کان سواءِ ممڪن نه آ هن. انهيءَ ڪري تخليقي عمل سان گڏوگڏ تنقيدي عمل مسلسل جاري رهندو آهي ۽ تنقيد جي تاريخ، تخليقي ادب جي شروعات سان شروع ڪري سگهبي آهي. هر سٺي اديب ۽ شاعر جي تخليق مان اسان اهي سمورا قدر اخذ ڪري سگهون ٿا.“ **(ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر: 2006، 33)**

رشيد ڀٽي جي تنقيد ڪرڻ جو انداز منفرد ۽ نرالو آهي. سندس تنقيد عين سماجي آهي. حقيقت پسندي سندس اولين ترجيح آهي. پوءِ اها ڳالهه ڪڏهن طنزيه انداز ۾ ڪندو آهي ته ڪڏهن سنجيده انداز ۾. ترقي پسند سوچ ۽ اصول مطابق سندس تنقيد جو اصل ڪارج سماج ۽ انساني زندگي آهي. رشيد ڀٽي زندگيءَ جي بنيادي ۽ اهم اصولن مطابق هلڪي ڦلڪي انداز ۾ تنقيد جي تلوار ڦيرائي ٿو، شاعرن ۽ اديبن جي قلمي نالن يا تخلصن مٿائڻ واري روش تي ناگواريءَ جو اظهار ڪري ٿو . رشيد ڀٽي ادبي ڪيتر ۾ قلمي نالي مٿائڻ جي حق ۾ نه آهي. ائين ڪرڻ سان اديب جي ساري محنت اڪارت ٿو سمجهي. هو لکي ٿو ته : ”شاعر ۽ اديب پيا پنهنجو تخلص ۽ قلمي نالا مٽائين. پر اهو سڀ ڪجهه شروعاتي مهماتي دؤر ۾ روا هوندو آهي. هڪ لڳا ماڻهو ڪلا ڪيتر ۾ بلوغت ۽ مچتا ماڻي ورتي ته پوءِ اها مٽ سٽ نه ٿي سونهين. اهو چڻ پنهنجي ڪئي تي پاڻي هارڻ يا وري نئين سر شروع ڪرڻ برابر آهي. پر سنڌي ادب ۾ اها بدعت اڇي چُڪي آهي. ڪالهه جو پرپو ناشاد اڄُ جو نفيس احمد شيخ ٿي پيو آهي! يعني ول نَوين سَوين! هڪ ڪان شروع ڪيائين ته نوانوي تي اچي پلجي پوي! سو وري نئين سر هڪ ڪان شروع! ان ڪي چئبو آهي ڪئي ڪمائي چٽ!“ **(عباسي نجم: (مهاڳ) 1985، 17)**

رشيد ڀٽي مذهب مٽائڻ ڪي مهٽو نه ٿو سمجهي، پر ترقي پسندانه سوچ جي اصول مطابق حقيقت پسنديءَ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. هو مذهب تبديل ڪرڻ سان نالو يا تخلص مٽائڻ جي خلاف آهي. رشيد ڀٽي اهڙي ڪرت ڪي سنڌي ادب ۾ بدعت تصور ڪري ٿو. هو سمجهي ٿو ته اهڙي بدعت صرف ۽ صرف سنڌي ادب ۾ ئي آهي، دنيا جي ٻي ادب ڪي جاچبو ته اهڙي بدعت ڪٿي ڪونه نظر ايندي. سندس چوڻ مطابق اهڙيون بدعتون سنڌي ادب ۾ جام ٿينديون پيون وڃن.

عام سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي گڏيل مفادن لاءِ رشيد ڀٽي نهايت اعلى طريقي سان مزاحيه انداز ۾ تنقيد ڪئي آهي. سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي ابتريءَ واري دؤر ۾، جت ترقي پسند سوچ جي بقا خطري ۾ هئي، اتي عام سنڌي اديب جي تخليق جو مستقبل پڻ خطري ۾ هيو. رشيد ڀٽيءَ ان دؤر جي اهڙن اشاعتي ادارن جي تنقيد وسيلي سخت مذمت ڪئي آهي. هن مزاح ۽ طنز ذريعي عام سنڌي اديبن جي تخليقن جي تحفظ خاطر علامتي انداز ۾ اهڙن ادارن ڪي مزاحيه نمونو جو حل ڏئي ٿو. هو سنڌالاجي ۽ ٻين ادارن ڪي اهڙن اديبن جو تخليقون محفوظ ڪرڻ لاءِ رجسٽر رکڻ يا ورانڊي ۾ ساميءَ جا مٽَ گهرائي رکڻ جو مشهورو ڏئي ٿو، جيئن انهن رجسٽرن يا مٽَن ۾ نه چيچڻ جهڙيون تخليقون جمع يا درج ٿي محفوظ ٿي سگهن. رشيد ڀٽي سنڌ جي عظيم ورثي جي پائماليءَ تي به طنزيه تنقيد ٿو ڪري. سنڌ جي ٺه مورتيءَ جي ٽئين شاعر پائي چين راءِ بچومل لنڊ جي جاءِ پيدائش جي ڪليم ذريعي نيڪاليءَ تي سخت تنقيد ٿو ڪري. هو سرڪار جي بي حسيءَ جي سخت انداز ۾ مذمت ٿو ڪري، جنهن سنڌ جي عظيم ورثي ڪي بجاءِ محفوظ ڪرڻ جي ڪليم ۾ نيڪال ڪري ٿي ڇڏي.

رشيد ڀٽي لکي ٿو ته:

”عام سنڌي اديب ۽ شاعر جي مفاد، ادبي انصاف ۽ سندس تخليق جي تحفظ جي خاطر سنڌالاجي يا ڪنهن ٻئي اهڙي اداري ڪي، اهڙو جهازي سائيز رجسٽر رکڻ گهرجي، يا جي ائين نه ڪري سگهي ته شڪارپور ڪان آنجهاني سرڳواسي، سامي چين راءِ لنڊ وارا مٽَ گهرائي سنڌالاجيءَ جي ورانڊي ۾ رکڻ گهرجن! چون ٿا ته اهي مٽ اجا تائين سرڪار وٽ بطور املاڪ متروڪه محفوظ آهن. حالانڪ جاءِ ڪليم ۾ نيڪال ٿي وئي آهي. مٽن لاءِ اهو خيال اٿن ته ان ۾ ساميءَ ڪو سون ۽ هيرا جواهر پوريا هيا! جيستائين سرڪار سنڌي رسالن ڪي ڊڪليئريشن ڏيڻ جي پاليسيءَ ۾ نرمي آڻي يا ڦيرڦار ڪري، تيستائين اهي مٽَ سٺو ڪم ڏيندا. ساميءَ جي سنت به ته ورجائڻ گهرجي.“ **(ڀٽي رشيد: 1985، 32)**

هر ٻوليءَ جون پنهنجون پنهنجون خصوصيتون هونديون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي به پنهنجي هڪ انفراديت آهي. جيڪڏهن اسين سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي اصولن ۾ پيچ ڏاهه ڪنداسين ته هڪدم ٻوليءَ مان رسُ چسُ نڪري ويندو ۽ ”بخمل ۾ ٽاٽ جي پيوندڪاريءِ“ وانگر اهڙي غلطي هڪ دم ظاهر ٿي بيهندي. هر ٻوليءَ ۾ مذڪر ۽ مؤنث، واحد ۽ جمع ڪرڻ جا پنهنجا پنهنجا اصول آهن. پر جيڪڏهن اسين سنڌي ٻوليءَ ۾ مذڪر شيءِ ڪي مؤنث ۽ مؤنث ڪي مذڪر ٻڌائينداسون ته اها غلطي هڪدم ظاهر ۾ اچي ويندي. ۽ زبان ٻي چَسي ۽ ڏارئي لڳندي.ساڳئي طرح رشيد ڀٽي پنهنجي دؤر جي اخبارن ۽ رسالن جي بي نيازي ۽ لاپرواهيءَ جا مثال بيان ڪيا آهن. سندس چوڻ موجب اهي اخبارون مذڪر ۽ مؤنث وارو فرق اردو ٻوليءَ وانگر پلي ويون آهن ۽ زبان ڪراچيءَ جي جوڙيا بازار ۽ گرامر وري لي مارڪيٽ وارو استعمال پيون ڪن.

رشيد ڀٽي اهڙا مثال ڏيندي لکي ٿو ته:

”سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي ته ”ادي جو موت ڏسي، مرڻ تان ارواح ئي ڪڇي ويو آهي.“ رسالن ۽ اخبارن جي صورتخطي ۽ گرامر جو معيار ڪافي اوچو ۽ اعلى ٿي ويو آهي، جنهن ڪي پڃڻ جي پنهنجي پيٽي نه آهي. زمان ۽ مڪان جي پابنديءَ ڪان اڳ ئي آجا ٿي ويا هئا، پر هينئر مذڪر مؤنث جي تميز به نه رهي اٿن! پابندي ۽ شناس رڳو ان حد تائين آهي ته سنسني خيز ۽ جنسي اشتعال جون خبرون ۽ اشتهار باقاعدگيءَ سان روزاني اخبارن ۾ ايندا رهندا پر زبان ڪراچيءَ جي جوڙيا بازار ۽ گرامر لي مارڪيٽ وارو استعمال پيو ٿئي! ”پاسپورٽ ملندي آهي!“ ۽ ”ناڪه بندي ڪيو ويندو آهي.!“ تن ڏينهن ۾ هڪ چار ڪالمي خبرن جو هيڊنگ هيو ته: ”هڪ نئين واهه کُلي وئي.“ سمجهيم ته سنڌين لاءِ يا ڪنهن رنڙ مظلوم عورت لاءِ ڪا

واهه ڳُلي وئي هوندي، پر خبر پڙهڻ کان پوءِ پتو پيم ته هڪ وزير باتدبير ڪنهن نئين آبپاشي ڪئنال (واهه) جو افتتاح ڪيو آهي.“ **(پٽي رشيد: 1985، 86 ۽ 87)**

رشيد ڀٽيءَ سموري زندگي رجعت پسند خيالن جي بيخ ڪنيءَ ۾ گذاري، رشيد ڀٽيءَ جو هر ليک (تخليقي توڙي تحقيقي) زبردست ادبي تنقيد جو اعلى مثال آهي. هن ڪيترائي مضمون توڙي ڪالم لکيا جنهن ۾ سماج ۾ موجود سينور زده ماحول کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪلورين موجود هئي. رشيد ڀٽيءَ جون، مختلف موقعن تي ڪيل ادبي تقريرون پڻ ادبي تنقيد جو بيمثال نمونو آهن. جن ۾ هن پنهنجي دؤر جي سماجي، سياسي، مذهبي ۽ ادبي حالتن جو جائزو انتهائي ايمانداريءَ ۽ حقيقت پسندانه انداز ۾ ورتو آهي. موضوع ڪهڙو به هجي پر ان موضوع سان نباهڻ سان گڏوگڏ، هن پنهنجي ارد گرد جي مختلف مسئلن جي نشاندهي پڻ ڪئي آهي.

نتيجا :

- تنقيد جو بنيادي مقصد ادب جي فن پارن ۾ خوبين ۽ خامين جي بي لاڳاپي ۽ منصفاڻي جانچ آهي .
- ترقي پسند تحريڪ سنڌي ادب ۾ نون تنقيدي لاڙن ۽ سماجي شعور کي جنم ڏنو .
- رشيد ڀٽي هڪ اهم ترقي پسند نقاد آهي، جنهن ادب کي زندگيءَ سان ڳنڍي ڏنو .
- سندس تنقيد ۾ سماجي مسئلن، رجعت پسند خيالن ۽ غلط روايتن تي اثرائتي تنقيد شامل آهي .
- رشيد ڀٽيءَ جو اسلوب منفرد آهي، جنهن ۾ مزاح، طنز ۽ چٽر ذريعي گهري ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون .
- هو شخصيت پرستيءَ جي خلاف آهي ۽ صرف فن پاري جي فڪري پهلوئن تي ڌيان ڏئي ٿو .
- سندس تنقيد جو مقصد سماجي شعور، جاڳرتا ۽ سڌاري کي هٿي ڏيڻ آهي .
- رشيد ڀٽي ادب کي ”ادب براءِ زندگي“ جي اصول تحت سمجهي ٿو .
- هن ٻولي، گرامر، اشاعتي ادارن ۽ ادبي بدعتن تي به تنقيد ڪئي .
- تنقيد ۽ تخليق هڪٻئي سان ڳنڍيل عمل آهن ۽ گڏوگڏ ترقي ڪن ٿا .
- رشيد ڀٽيءَ جي تنقيد سنڌي ادب ۾ هڪ اهم ۽ اثرائتي حيثيت رکي ٿي.

حوالا:


1. Oxford Advanced Learner’s Dictionary: Oxford University Press: New 8th Edition
2. رشيد ڀٽي : ” اوڀاريون لهواريون “ـ (مهاڳ: عباسي نجم:)سنڌي ادب اڪيڊمي حيدرآباد ـ 1985ع
3. رشيد ڀٽي : ” اوڀاريون لهواريون “ـ سنڌي ادب اڪيڊمي حيدرآباد ـ 1985ع ـ صفحو 10
4. فهميده حسين (ڊاڪٽر): ”ادبي تنقيد ـ فن ۽ تاريخ “ـ ڇاپو ٻيو 1997ع ـ (نئون وڌايل ۽ سنواريل) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ
5. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (ڊاڪٽر) : ” سنڌي ادبي جو تنقيدي اڀياس “ ـ ڇاپو ٻيو 2006ع ـ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ
6. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (ڊاڪٽر): ” سنڌي ادب جو تاريخي جائزو “ـ ڇاپو پنجون (سنواريل ۽ سڌاريل) 1992ع ـ عجائب اسٽور سکر سنڌ